

امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا واقعا

سنڌي

پيشڪش:
مجلس المدينة العلمية (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا واقعا

ڇاپو پهريون : محرم الحرام 1443هه آگسٽ 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا واقعا

پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

فهرست

امام حسين رضي الله عنهٔ جا واقعا 1

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا واقعا

دعاءِ عطار:

ياربّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو "امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا واقعا" پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي حضرت امام حسين(رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) جي مبارڪ سيرت تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي جنّتُ الفردوس ۾ بنا حساب جي داخلا نصيب فرماءِ. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہ علیه واٰلهٖ وسلَّم

درود شريف جي فضيلت

مسلمانن جا چوٿان خليفه حضرت موليٰ ڪائنات، علي المرتضيٰ شيرخدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن مسجد وٽان گذرو ته رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهو. (فضل الصلاة على النبى للقاضى الجہضمى، ص70، رقم:80)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(1) شانِ امام حسين

جنتي ابن جنتي، صحابي ابن صحابي، نواسه رسول حضرت امامِ حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي موجودگي ۾ هڪ ڀيرو حضرت امير معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي محفل ۾ اعليٰ نسب، عزّت ۽ وجاهت وارين بزرگ هستين جو ذڪر ٿي رهيو هو. حضرت معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: ڇا توهان کي خبر آهي ته اهو شخص ڪير آهي جيڪو پنهنجي والدين، ڏاڏو، ڏاڏيءَ، نانو ۽ نانيءَ، ماسي ۽ ماسڙ جي اعتبار سان ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت وارو آهي؟ ماڻهن عرض ڪيو: اوهان اسان کان وڌيڪ

جاڻو ٿا. اهو ٻڌي حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ امام عالي مقام، امام عرش مقام، حضرتِ امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو هٿ مبارڪ پڪڙي فرمايائون: اها شخصيت هيءَ آهي، هن جو پيءُ مولىٰ علي مشڪل ڪشا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ، امڙ سائڻ، حضرت بيبي فاطمة الزهرا رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جيڪي رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون صاحبزاديون آهن، هن جو نانو، محمد رَّسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي، ناني سائڻ حضرت بيبي خديجة الڪبرىٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا آهي، سندن چاچو سائين حضرتِ جعفر طيّار رَضِیَ اللہُ عَنْہُ آهي، ۽ ڦڦي حضرت هاله بنت ابي طالب ۽ مامو حصرت قاسم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ آهي جيڪو رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو شهزادو آهي ۽ ڪين ماسي حضرتِ زينب بنت رسول الله آهي. اهو ٻڌي ڪري مجلس ۾ موجود سيني ماڻهن چيو: اوهان سچ فرمايو، (المستجاد من فعلات الاجواد،26/1) الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا اصحاب واہلِ بیت کا
مصطفٰے اُن کے خدا اصحاب واہلِ بیت کا

آل و اصحابِ نبی سب بادشہ ہیں بادشاہ
میں فقط ادنٰی گدا اصحاب و اہل بیت کا

یاالٰہی! شکریہ عطّار کو تو نے کیا
شعر گو، مِدحَت سَرا اصحاب و اہل بیت کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

(2) وڏي ڀاءُ جو ادب

سخي ابن سخي، شهزاده علي، حضرت امام حسن مجتبي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان هڪ پيرو ڪنهن ماڻهوءَ ڪجھ گهريو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: ٽن صورتن کان علاوه ڪنهن کان گهرڻ جائز ناهي. (1) تمام گهڻو قرض

(2) فقير ٻٽائيندڙ غربت(3) يا تمام گهڻو ضمان(يعني گهڻوعيالدار). ان شخص عرض ڪيو: مان هنن مان هڪ سبب جي ڪري آيو آهيان. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ ان جي لاءِ سؤ دينار (يعني سونا سڪا ڏيڻ) جو حڪم فرمايو. پوءِ ان امام عالي مقام حضرتِ امامِ حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان ڪجھ گهريو تہ ڪين بہ پنڻ جي متعلق ان کي اهائي ڳالھ ارشاد فرمائي جيڪا حضرتِ امام حسن رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائي هئي. سواليءَ اهوئي جواب ڏنو جيڪو هُو امام حسن رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي ڏئي چڪو هو. شهيد ڪربلا حضرت امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ ان کي فرمايو: منهنجي ڀاءَ اوهان کي ڇا عطا ڪيو؟ ان عرض ڪيو: 100 دينار. پاڻ وڏي ڀاءُ کان برابري کي ناپسندي ڪندي ان کي نوانوي (99) دينار(يعني سونا سڪا) عطا فرمايا. وري اهو شخص عبدالله بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُما وٽ آيو ۽ سوال ڪيو. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ بنا پڇڻ جي ان کي ست دينار ڏئي ڇڏيا. ان شخص حضرت امام حسن ۽ حضرتِ امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُما وٽ وڃڻ ۽ انهن طرفان عطا ڪيل دينارن جو سمورو واقعو بيان ڪيو تہ حضرت عبدالله رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمايو: ”توتي تعجب آهي! تون مون کي انهن جي مثل ٻٽائين ٿو، بيشڪ اهي ٻئي تہ علم ۽ مال جا درياء آهن.“ (عيون الاخبار، جز ء : 3،ص 158)

الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

سخاوت بھی ترے گھر کی عنایت بھی ترے گھر کی
تِرے دَر کا سُوالی جھولیاں بَھر بَھر کے لاتا ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

وڏو ڀاءُ والد جي جڳھ تي هوندو آهي

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! امام عالي مقام امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو پنهنجي پياري ڀاءُ امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان محبت جو انداز ۽ ادب ۽ تعظيم تہ ڏسو. ڪاش! اسان بہ پنهنجي وڏن جو ادب ڪريون. اسلام ۾ وڏي ڀاءُ جو وڏو مقام آهي. جهڙي طرح ننڍي ڀاءُ کي وڏي ڀاءُ جو احترام ڪرڻ گهرجي انهيءَ طرح وڏي ڀاءُ کي ننڍي ڀاءُ سان شفقت ۽ محبت ڀريو سلوڪ ڪرڻ گهرجي ڇوتہ وڏو ڀاءُ والد جي جڳھ تي هوندو آهي. مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: "وڏي ڀاءُ جو حق ننڍي ڀاءُ تي ائين آهي جيئن والد جو حق اولاد تي." (شعب الايمان،210/6،حديث:7929) جيڪڏهن گهر ۾ سڀئي هڪٻئي جي حقن جو خيال رکن ۽ هڪ ٻئي سان ادب ۽ احترام سان پيش اچن تہ گهر ۾ پيار ڀريو ماحول ٺهي سگهي ٿو، اڄڪلھ گهريلو جهڳڙن جو هڪ وڏو سبب اهو بہ آهي تہ هڪٻئي جي حقن جو خيال دل مان نڪرندو پيو وڃي، وڏي جي ننڍي تي شفقت ناهي تہ ننڍي کي وڏي جو احترام ناهي، نتيجي طور گهرن جو ماحول اسان جي سامهون آهي، انهيءَ طرح وڏي ڀيڻ کي ننڍي ڀيڻ کان ۽ ننڍي ڀيڻ کي وڏي ڀيڻ سان محبت ڀريو سلوڪ ڪرڻ گهرجي نہ تہ والدين جي حياتي ۾ تہ جيئن تيئن ڪري وقت گذري وڃي ٿو پر والدين جي وفات يا پنهنجي شادين کان پوءِ سڳي ڀاءُ ڀينرن ۾ بہ گهٽيون دوريون پيدا ٿي وينديون آهن. گهر ۾ پيار محبت ڀريو ماحول ٺاهڻ ۾ والدين جو ڪردار تمام گهڻي اهميت رکي ٿو جيڪڏهن ماءُ پيءُ ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي هڪٻئي سان پيار ۽ محبت ڪرڻ، هڪٻئي جو خيال رکڻ جي باري ۾ نرمي ۽ شفقت سان سمجهائيندا رهندا تہ ان شاءَاللّٰه الڪريم

ننڍپڻ کان ئي گهر ۾ چڱو ماحول ٻڌجندو ۽ **”گهرامن جو گهوارو“** ٻڌيل رهندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

نواسه رسول، حضرت امامِ حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو پنهنجي وڏي ڀاءُ کان محبت جو هڪ پيو ذوق وارو واقعو پڙهو ۽ جهومو:

(3) وڏي ڀاءَ سان حبت جو نرالو انداز

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مونکي خبر پئي ته امام حسن ۽ امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما جي وچ ۾ ڪنهن ناراضگي جي سبب ڳالهائڻ ٻولهائڻ ختم ٿي ويو آهي ته مون امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي عرض ڪيو: ماڻهو اوهان ٻنهي کي پنهنجو مقتدا (يعني پيشوا) سمجهن ٿا. اوهان پنهنجي وڏي ڀاءُ وٽ وڃي ان سان ڳالهايو ڇوته توهان انهن کان عمر ۾ ننڍا آهيو. اُن تي حضرت امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: جيڪڏهن مون رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اهو فرمان نه ٻڌو هجي ها ته ”صلح ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو جنت ۾ به پهريان ويندو“ ته مان ضرور انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿيان ها پر مان اِهو نٿو چاهيان ته سندن کان پهريان جنت ۾ وڃان.

صحابي رسول حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائين ٿا ته مان امام حسن مجتبي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ وٽ حاضر ٿيس ۽ انهن کي سچو واقعو ٻڌايو ته امام حسن رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: ”صَدَقَ اَخِیْ“ يعني ”منهنجي ڀاءَ سچ چيو“ پوءِ پاڻ اٿيا ۽ پنهنجي ڀاءُ حضرت امامِ حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ وٽ اچي انهن سان گفتگو فرمائي. (ذخائر العقبیٰ، ص238)

نونہالِ چمنِ مصطفوی مرتضوی جسے قدرت نے چنا زینتِ جنت کے لیے
(دیوانِ سالک، ص92)

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! هن واقعي ۾ جتي امامِ حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وڏي پاءَ کان محبت جو بيان آهي اُتي ئي هڪ وڏو اهم پيغام بہ آهي تہ سڀ کان وڌيڪ حديثون روايت ڪرڻ واري صحابي حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهي شهزادن جي خدمتن ۾ حاضر تي صلح ڪرائي، صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اهلبيتِ اطهار جا تمام گهڻا خيرخواهہ ۽ غمگسار هئا، ائين ئي اهلبيت اطهار صحابہ ڪرام تي نهايت شفيق ۽ مهربان هئا، حديثن سڳورين ۾ هن جون ڪيئي مثالون موجود آهن.

ناؤ ہیں آلِ نبی نجم ہیں اَصحابِ رسول	لِلّٰہِ الْحَمْد کہ مژدہ ہے یہ اُمت کے لیے

(4) صحابہ ڪرام ۽ شهزاده عالي مقام جي پاڻ ۾ محبت جو پيارو واقعو

حضرتِ محمد بن علي بن حسين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا تہ (منهنجو ڏاڏو سائين) امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي زمين تي پيادل وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ صحابي رسول حضرتِ نعمان بن بشير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مليا، هُو پنهنجي خچر تي سوار هئا، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي سواري تان لٿا ۽ سواري حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ پيش ڪري عرض ڪيو:”اي ابوعبدالله! اوهان سوار ٿيو.“ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سوار نہ ٿيا تہ نعمان بن بشير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ گهڻو اصرار ڪيو ۽ قسم ڏنو تہ اوهان هن تي ضرور سوار ٿيو. امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان جي گهڻي اصرار ۽ قسم ڏيڻ جي ڪري مڃي ويا ۽ فرمايائون: مونکي اهو پسند ناهي، توهان مونکي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو. توهان سواري جي اڳين حصي تي سوار ٿيو، مان پوئين حصي تي سوار ٿيندس ڇوتہ مون پنهنجي امڙ

سائڻ حضرتِ بيبي فاطمة الزهرا رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا کان پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اهو فرمان ٻڌو آهي: ”سواري جي اڳين حصي تي سوار ٿيڻ جو حقدار ان جو مالڪ هوندو آهي.“ اهو ٻڌي حضرتِ نعمان بن بشير رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شهزاديءَ سچ فرمايو، مون پنهنجي والد صاحب حضرت بشير رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان ائين ئي ٻڌو آهي جيئن حضرتِ بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا ارشاد فرمايو ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهو به فرمايو: اِلَّامَنۡ اَذِنَ سواءِ ان جي جنهن کي سواري جو مالڪ اجازت ڏئي. اهو ٻڌي کري حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ اڳيان ۽ حضرت نعمان بن بشير رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ پنيان سوار ٿيا. (معجم کبير،414/22، حديث: 1025)

جو کہ ہے دل سے جگر پارۂ زہرہ پہ نثار خُلد ہے اس کے لیے اور وہ جنت کے لیے

(5) مقامِ امام حسين

هڪ ڀيرو هڪ جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ کان بعد امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡه، واپس اچي رهيا هئا ته پاڻ ٿڪجي پيا ته آرام فرمائڻ جي لاءِ هڪ مقام تي ڪجهه دير جي لاءِ ويهي رهيا. حضرتِ ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡه پنهنجي چادر شريف سان حضرتِ امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنۡه جي مبارڪ پيرن مان مٽي شريف پري ڪرڻ لڳا ته حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡه انهن کي منع فرمايو. ان تي حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡه عرض ڪيو: الله پاڪ جو قسم! اوهان جي عظمت جيڪا مان ڄاڻيان ٿو جيڪڏهن ماڻهن کي خبر پئجي وڃي ته اهي توهان کي زمين تي هلڻ نه ڏين بلڪ پنهنجي ڪلهن تي کڻن. (تاريخ ابن عساکر،14/ 179مختصرا، تاريخ الاسلام للذهبى،الحسين بن على...الخ،627/2)

ہر صحابیِ نبی!	جنّتی جنّتی
حضرتِ صدیق بھی!	جنّتی جنّتی
اور عمر فاروق بھی!	جنّتی جنّتی
عثمانِ غنی!	جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی!	جنّتی جنّتی
ہیں حسن حسین بھی!	جنّتی جنّتی
والدینِ نبی!	جنّتی جنّتی
ہر زوجۂ نبی!	جنّتی جنّتی

(6) ڪنيز کي آزاد ڪري ڇڏيو

هڪ پيرو رسول الله جي ڏوهٽي، حضرت امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خدمت ۾ هڪ ڪنيز گلدستو پيش ڪيو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هن کي فرمايو: وڃو! تون الله پاڪ جي لاءِ آزاد آهين. عرض ڪيو ويو: توهان هڪ گلدستي تي ڪنيز کي آزاد فرمايو؟ جنتي نوجوانن جي سردار امام حسين ارشاد فرمايو: اسان کي الله پاڪ اهو ئي اداب سيکاريو آهي.
(التذکرة الحمدونية،186/2)

اي عاشقانِ امام حسين! شهزاده مشڪل ڪشا، شهيدِ ڪربلا حضرتِ امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي مبارڪ سيرت اسان جي لاءِ قابلِ تقليد (يعني عمل ڪرڻ جي قابل) آهي، جڏهن هڪ گلدستو پيش ڪرڻ تي سندن نوازڻ جو اِهو عالم آهي جو ڪنيز کي آزاد ڪري ڇڏين ٿا ته ٻين معاملن ۾ ڪيترين عطائون ڪندا هوندا. الله ڪري! اسان سڀ سچا عاشقِ امام حسين بڻجي وڃون، پنهنجي مسلمان ڀائرن سان چڱو

سلوڪ ڪيون، پنهنجي ذات جي لاءِ بدلو نہ ونون، نفرت نہ ڪيون ۽ پنهنجي دل ۾ ڪنهن جي لاءِ بغض ۽ ڪينو نہ رکون. محبت جا زباني دعويٰ ڪرڻ تہ آسان آهي اصل ڪمال تہ امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي سيرت تي هلڻ آهي ۽ اهڙي خوش نصيب عاشقِ صحابہ و اهلبيت جي چا ڳالھ ڪجي جو فرمانِ امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ آهي: جنهن الله پاڪ جي رضا جي لاءِ اسان سان محبت ڪئي اسان ۽ اهي قيامت جي ڏينهن هيئن هونداسين، شهادت ۽ وچ واري چيچ سان اشارو فرمايائون. (معجم ڪبير، 3/ 125، حديث : 2880)

عظيم عاشقِ صحابہ و اهلبيت منهنجا شيخ طريقت، اميراهلسنت حضرتِ علامہ ابوبلال محمد الياس عطارقادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪن ٿا:

بھیک دے الفتِ مصطفٰی کی ‌ ‌ ‌ ‌ سب صحابہ کی آلِ عَبا کی
غوث و خواجہ کی احمد رضا کی ‌ ‌ ‌ ‌ میرے مولٰی تو خیرات دیدے

(موليٰ علي، بيبي فاطمہ، امام حسن ۽ امام حسين عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي ”آلِ عَبا“ چوندا آهن)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(7) ٽن سوالن جا درست جواب

منقول آهي تہ نواسہ رسول حضرتِ امامِ حسين رَضِیَ اللهُ عَنْه وٽ هڪ اعرابي(يعني عرب جي ڳوناٺي) سائل اچي سلام عرض ڪيو ۽ سوال ڪندي چوڻ لڳو: مون اوهان جي پياري پياري ناني سائين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ٻڌو آهي تہ پاڻ فرمايائون: جڏهن توهان کي ڪا ضرورت

پيش اچي ته هنن چئن مان ڪنهن هڪ شخص کان سوال ڪجو. يا اهلِ عرب جي شريف انسان کان، يا سخي کان، يا حاملِ قرآن کان، يا وري اهڙي شخص کان جنهن جو چهرو روشن ۽ منور هجي ۽ توهان ۾ ته اهي چارئي علامتون پاتيون وڃن ٿيون. جوته توهان عربي به آهيو ۽ پنهنجي ناني جي ڪري شرافت وارا به آهيو ۽ سخاوت ڪرڻ ته توهان جي مبارڪ عادت ۾ شامل آهي ۽ قرآنِ ڪريم ته توهان جي گهر ۾ نازل ٿيو آهي ۽ نوراني چهرو، ان جي متعلق مون رسول الله صلي الله عليه واله وسلم کان ٻڌو آهي ته جڏهن توهان مونکي ڏسڻ چاهيو ته حسن ۽ حسين (رضي الله عنهما) کي ڏسي وٺو. حضرت امام حسين رضي الله عنه فرمايو: توهان کي ڇاجي ضرورت آهي؟ اُن پنهنجي ضروت لکي پيش ڪئي. پاڻ فرمايائون: مان توکان ٽي سوال ڪيان ٿو جيڪڏهن تو انهن مان ڪنهن هڪ جو به درست جواب ڏنو ته منهنجي سڄي مال مان ٽهائي (1/3) مال جو حصو تنهنجو ٿيو ۽ جيڪڏهن تو ٻن سوالن جو درست جواب ڏنو ته به ٽهائي (2/3) تنهنجو ٿيو ۽ جيڪڏهن تو ٽنهي سوالن جو درست جواب ڏنو ته منهنجو سڄو مال تنهنجو آهي، پاڻ رضي الله عنه مال جو سڄو ٿيلهو جنهن تي عراقي مهر به لڳل هئي اعرابي جي طرف وڌائي ڇڏيو. پوءِ پهريون سوال ڪيائون: سڀ کان افضل عمل ڪهڙو آهي؟ عرض ڪيائين: الله پاڪ تي ايمان آڻڻ. پوءِ پاڻ رضي الله عنه ٻيو سوال ڪيو: هلاڪت کان نجات ڪيئن ٿي ملي سگهي؟ ان عرض ڪيو: الله پاڪ تي يقين رکڻ جي سبب. وري ان کان ٽيون ۽ آخري سوال ڪندي ارشاد فرمايائون: انسان کي ڪهڙي شيءِ مزيّن (يعني باوقار ڪري ٿي) آهي؟ اُن عرض ڪيو: اهڙو علم جنهن سان حلم(يعني

برداشت ڪرڻ جي قوت) بہ هجي. شهزاده عالي وقار، ڪربلا جي قافلي جي سالار، حضرت امامِ حسين رضی اللہ عنہ اهو جواب ٻڌي ان ڪان وڏيڪ چند ڳالهيون ڪيون ۽ پوءِ مسڪرائيندي مال جو تيلهو ان کي عطا فرمايائون. (تفسیررازی ،پ1،البقرہ:31، 1/ 415) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

(8) شريعت جي مسئلي تي عمل

شهزاده مشڪل ڪشا، لختِ جگرِ زهرا، امامِ ڪربلا، امام حسين رضی اللہ عنہ جي غلام جو بيان آهي تہ مان امام حسين رضی اللہ عنہ سان ساڻ هيس تہ سندن گذر هڪ گهر جي قريب ڪان ٿيو. پاڻ رضی اللہ عنہ اُن گهر مان پاڻي گهريو تہ هڪ خادمہ پيالي ۾ پاڻي ڪٽي حاضر ٿئي جنهن ۾ چاندي جو ٿَهہ چڙهيل هو. امام حسين رضی اللہ عنہ پيالي مان چاندي ڪڍي خادمہ کي ڏئي ڇڏي ۽ فرمايائون: ان کي پنهنجي گهر کڻي وڃو، پوءِ پاڻ رضی اللہ عنہ پاڻي پيتو. (طبقات ابن سعد ،6/411،رقم:7464، مطبوعہ مکتبہ خانجی ، قاہرہ مصر)

نورِدل وعین ہیں صاحبِ نورَین ہیں　　سب کے دل کے چین ہیں مومنوں کی جان

اي عاشقانِ صحابہ و اهل بيت! فقهي مسئلو هي آهي تہ سون جي ٿانوَ ۾ ڪائڻ پيئڻ ۽ ان جي پيالن مان تيل لڳائڻ يا اُن جي عطردان مان عطر لڳائڻ يا سگري مان ڌوٽي وٺڻ منع آهي ۽ اها ممانعت مرد ۽ عورت ٻنهي جي لاءِ آهي. عورتن کي هن (يعني سون، چاندي) جا زيور پائڻ جي اجازت آهي. زيور ڪان علاوه ٻئي طرح سون چاندي جو استعمال مرد ۽ عورت ٻنهي جي لاءِ ناجائز آهي. (بہارِ شریعت،3/395)

امام عالي مقام، امامِ عرش مقام، امام حسين رضی اللہ عنہ جي محبت جو دم ڀرڻ وارؤ هن واقعي مان شرعي مسائل تي عمل ڪرڻ جو ذهن ٺاهيو ڇوته شريعت جي پيروي ئي ۾ محبت امام حسين لڪيل آهي، غير شرعي ڪمن ۾ مشغول هئڻ ڪامل محبتِ امام حسين جي منافي(يعني خلاف) آهي، امام حسين رضی اللہ عنہ جو مبارڪ گهراڻو اهو گهراڻو آهي جتان کان شريعت جا احڪام جاري ٿين ٿا، اهي حضرات ته قرآن ۽ سنت تي عمل ڪرڻ ۾ پنهنجو مثال نٿا رکن، وقتِ شهادت اچي چڪو هجي ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ سجدي جي لاءِ پنهنجو مٿو جهڪائڻ انهن ئي جو حصو آهي، ڪربلا جي تپندڙ صحراء ۾ ظلم ۽ ستم جون آنڌيون هلڻ جي باوجود پاڪ گهر وارين جي صبر ۽ همت جو مثال تاريخ ۾ ملڻ مشڪل ئي نه پر ناممڪن آهي. بلڪ هن مظلوميت جي باوجود پردي ۽ حياء کي برقرار رکي زماني ۾ اهو مثال قائم ڪرڻ جيڪو رهندي دنيا تائين ماڻهن جي لاءِ هڪ عظيم الشان روشن مثال آهي. ڪربلا جي واقعن مان عاشقانِ صحابہ و اهلبيت کي شريعت مطهره تي عمل جو جذبو وڌائڻ جو ذهن بنائڻ گهرجي. اسان ڪهڙا عاشقِ امام حسين آهيون جو اسان جا امامِ پاڪ پنهنجي مبارڪ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائين ۽ اسان مٿو اگهاڙو ڪري گهمڻ ۾ فخر محسوس ڪريون، اسان ڪهڙا عاشقِ امامِ حسين آهيون جو امامِ پاڪ فرض ته فرض نوافل ۽ تلاوت جي ڪثرت فرمائين بلڪ عاشورا يعني 10 محرم، شهادت واري سڄي رات الله پاڪ جي عبادت ۾ مشغول رهن ۽ هڪ اسان آهيون جيڪي عاشقِ امام حسين سڏرائيون ٿا پر عبادت جي لاءِ وقت ئي نٿا ڪڍون؟ امام حسين رضی اللہ عنہ جي (ايصال و ثواب) جو نياز بلڪل ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن شريعت جي

دائري ۾ رهي ڪري رضاءِ الٰهي جي لاءِ نياز ڪيو وڃي ته اهو وڏي ثواب جو ڪم آهي پر نياز جي ڪري نماز يا جماعت ۾ ڪوتاهي نه هئڻ گهرجي، اسان جي نياز جي ڪري مسلمانن جي گذرگاهه وارو رستو بند نه ٿيڻ گهرجي بلڪ اسان کي ته ٻين جي لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ جو ذهن بنائڻ گهرجي، خاندانِ رسول جي باحياء پاڪ بيبين کان پيار ڪرڻ وارين کي غور ڪرڻ گهرجي ته ڪربلا شريف ۾ بي وسي جي حالت ۾ به انهن جي پردي ۾ ٿورو به فرق نه آيو ۽ اسان ڪهڙيون اهلبيت جون خادم آهيون؟ شاپنگ سينٽرن جا چڪر لڳائڻ، بازارن ۾ گهمڻ، شادي جي فنڪشنن ۾ نوان نوان فيشن اپنائي ڪري بي پردگي جو مظاهرو ڪرڻ انهن پاڪ بيبن کي ڪيترن قدر ناپسند هوندو.

بے بسی میں بھی حیا باقی رہی　　　سب حُسینی پردہ داروں کو سلام

ڪربلا جو خوني منظر رسالي جي مدني بهار

فيضانِ امام حسين رضی اللہ عنہ حاصل ڪرڻ ۽ اخلاق ۽ ڪردار سٺرو ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ صحابه و اهلبيت جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي پياري پياري ديني ماحول سان هردم وابسته ٿي وڃو، اوهان جي دلين ۾ صحابه ۽ اهلبيت جي محبت وڌائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪيان ٿو:

(حيدرآباد سنڌ پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته غالباً 2004ء جي ڳالهه آهي فيضانِ مدينه ۾ هڪ مبلغ (جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کان ڪم و بيش 15 سالن کان وابسته آهي) حيرت انگيز ڳالهه ٻڌائي. انهن ٻڌايو ته سنڌس خاندان

بدمذهبن سان تعلق رکندو هو. ننڍپڻ ئي کان ان کي اِهو ذهن ڏنو ويو هو تہ عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام ۽ ڪنهن ديندار شخص جي ويجهو بہ نہ وڃجانءِ نہ تہ (معاذالله) اهي توکي گمراهہ ڪري ڇڏيندا. ايسيتائين جو هُو ڪنهن عاشقِ رسول سُنّي کي مذهبي حليي ۾ ڏسندو هو تہ (معاذالله) انهن تي ٺٺول ڪندو ۽ انهن جو مذاق اڏائيندو هو. هُو فلمن جو تمام گهڻو شوقين هو. موڪل جي ڏينهن دوستن سان سينيما گهر وڃي فلم ڏسڻ جو وڏي عرصي سان معمول هو. زندگي انهيءَ طرح غفلت ۾ گذري رهي هئي تہ انهن جو نصيب جاڳي پيو. 1994 جي ڳالهہ آهي جڏهن هُو ڪاليج ۾ پڙهندو هو تہ انهن جو مامو جيڪو بدعقيدگي کان توبہ ڪري عاشقانِ صحابہ و اهلبيت جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول ۾ اچي اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي ذريعي سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ ۾ داخل ٿي”عطاري“ بڻجي چڪو هو ۽ سڄو ڏينهن عمامي شريف جو تاج سجائي رکندو هو. شايد شعبان المعظم جو مهينو هو تہ هڪ ڀيرو جمعةالمبارڪ جي ڏينهن صبح جي وقت سندن هيءُ مامو گهر آيو ۽ جڏهن وڃڻ لڳو تہ اُن مبلغ اسلامي ڀاءَ کي شهيدانِ ڪربلا جي متعلق اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو رسالو تحفي ۾ ڏنو. اُن اِهو سوچي ڪري وٺي ورتو تہ هي ويندو هلي تہ ڪٿي ڪونڊ پاسي ۾ رکي ڇڏيندس. پر بعد ۾ جڏهن ٽائٽل تي رسالي جو نالو”**ڪربلا جو خوني منظر**“ ڏٺو تہ پنهنجائپ محسوس ٿي. جيئن تہ هُن اِهو رسالو پڙهڻ شروع ڪيو. اهلبيت ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان محبت جو اظهار ايترو باادب انداز ۾ پهريون ڀيرو پڙهيو. تحرير جو انداز ايترو تہ پُر اَثر هو جو اُن تي رقت

طاري تي وئي ۽ هُو ڪربلا وارن تي ٿيڻ وارن ظلمن کي ياد ڪري روئڻ لڳو. ڪربلا جي واقعي جي ضمن ۾ اميراهلسنتدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جن اصلاحي مدني گلن کان نوازيو هو انهن ته سندس ضمير کي جهنجوڙي وڌو. شهداءِ ڪربلا جي متعلق بيانات ته ڪيئي ڀيرا ٻڌا ۽ پڙهيا هئا مگر **"درسِ ڪربلا"** اڄ پهريون ڀيرو سمجھ ۾ آيو هو. انهن جي عجيب ڪيفيت ٿي رهي هئي. انهن پنهنجي ڀيڻ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ان کي اِهو رسالو پڙهي ٻڌائڻ لڳا. رسالو ٻڌي ڪري هُوءَ به روئڻ لڳي ايستائين جو سڏڪا پرڻ لڳي. الحمدللّٰه! عظيم عاشقِ صحابه و اهلبيت، اميراهلسنت جي تحرير سان هٿوهٿ برڪت ظاهر ٿي ۽ اُن اسلامي ڀاءُ ۽ سندس ڀيڻ انهيءَ وقت(بري عقائد و اعمال کان) توبه ڪئي ۽ نماز پڙهڻ جي نيّت ڪري ورتي. شام جو جڏهن سندن دوست ساڳي معمول مطابق سينيما هلڻ جي لاءِ سڏڻ آيا ته ان معذرت ڪري ڇڏي، سندن دوست حيران هئا پر انهن وڌيڪ گفتگو ڪانه ڪئي.

الحمدللّٰه! چند ڏينهن کان پوءِ اُن عاشقِ رسول اِهو رسالو پنهنجي ماءُ پيءُ کي به پڙهي ٻڌايو هُو به بيحد متاثر ٿيا ۽ پاڻ ۾ مشورو ڪري آئنده گهر ۾ ٽي وي (T.V) نه هلائڻ جو پڪو ذهن ٺاهي ورتو(اُن وقت مدني چينل شروع ڪونه ٿيو هو) جڏهن جمعرات جو ڏينهن آيو ته ان گهر وارن کي چيو ته مان دعوتِ اسلامي جي هفتوار سنتن ڀري اجتماع ۾ وڃڻ ٿو چاهيان. اهو ٻڌي امڙ چوته اميراهلسنت جو رسالو ٻڌي متاثر ته ٿي چڪي هئي پر اجتماع ۾ وڃڻ جي اجازت ڏيڻ کان ايئن چئي انڪار ڪيائين ته صرف نماز پڙهو اهائي ڪافي آهي، اجتماع وغيره ۾ وڃڻ جي ڪا

ضرورت ناهي. مون ڪجھ پيرا عرض ڪيو تہ باباسائين امڙ کي فرمايو: اڙي! وڃڻ ڏيوس، سندن مامو بہ چوندو رهي ٿو، اهو بہ خوش ٿي ويندو. اسلامي ڀاءُ موقعو ڏسي والد صاحب کي بہ ساڻ اجتماع ۾ هلڻ جي دعوت پيش ڪئي تہ سندن والد بہ ساڻ هليا. پيڻ بہ ساٿ ڏيڻ لڳي، والد صاحب ڪجھ سوچ ويچار ڪان پوءِ آخر گڏ هلڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا.

الحمدلله! پهرين ئي هفتہ وار اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان انهن جي زندگي ۾ مدني انقلاب اچي ويو. اجتماع ۾ جنت جي موضوع تي بيان ٿيو، باباسائين جي دل ۾ بہ دعوتِ اسلامي جي محبت پيدا ٿي. الحمدلله! گھر ۾ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا رسالا پرهڻ سان گڏوگڏ "**سنتن ڀريا بيان**" ٻڌا وڃڻ لڳا.

اُن جي برڪت سان نہ صرف سندن سڄو گھر بلڪ خاندان جا ڪجھ ٻيا گھر بہ بدمذهبيت کان توبہ ڪري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويا. حيرت جي ڳالھ اها آهي تہ اُن جي خاندان ۾ برقعو پائڻ جو بلڪل رواج ڪونہ هو ۽ بدقسمتي سان برقعو پائڻ کي تمام گھڻو معيوب سمجھيو ويندو هو. عظيم عاشقِ صحابہ و اهلبيت، اميراهلسنت جي تحرير ۽ بيانن اهي بهارون ڏيکاريون جو سندن ڀينرون برقعو پائڻ لڳيون ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ذمہ دار اسلامي ڀينرن سان گڏ سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت سان گڏوگڏ ٻين ديني ڪمن ۾ بہ حصو وٺڻ لڳيون.

عطائے حبیبِ خدا مدنی ماحول ہے فَیضانِ غوث ورضا مدنی ماحول

سَنور جائے گی آخرت اِن شاءَ اللّٰہ تم اپنائے رکھوؔ سدا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

(9) پنهنجو تمام وظيفو سائل کي ڏئي ڇڏيائون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صحابہ و اهلبيت سان محبت جو پيغام عام ڪرڻ واري مشهور ولي الله حضرت علي بن عثمان هجويري المعروف داتا گنج بخش رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي مشهور زمانہ ڪتاب"ڪشف المحجوب" ۾ لکن ٿا: نواسہ رسول حضرت امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿي هڪ پيرو هڪ شخص پنهنجي غربت جي شڪايت ڪرڻ لڳو: پاڻ فرمايائون: ٿوري دير جي لاءِ ويهي رهو! اسان جو وظيفو اچڻ وارو آهي، جيئن ئي وظيفو پهتو اسان توهان کي رخصت ڪري ڇڏينداسون. اڃان ڪجھ ئي دير گذري هئي تہ حضرت اميرمعاويہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي طرفان هڪ هڪ هزار دينار (يعني سونن سڪن) جون پنج ٿيلهيون سندن بارگاھ ۾ پيش ڪيون ويون. آڻڻ واري عرض ڪيو: حضرتِ اميرمعاويہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ معذرت ڪئي آهي تہ هيءَ ٿوري رقم آهي ان کي قبول ڪيو. امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ سڄي رقم اُن شخص جي حوالي ڪئي ۽ ان کان معذرت بہ ڪئي تہ اوهان کي انتظار ڪرڻو پيو. (ڪشف المحجوب ، ص77)

میٹھے میٹھے مصطفٰے کی بارگاہِ پاک میں کیجئے میری سفارش آپ یا داتا پیا

ڪربلا وارن جي غم جي متعلق هڪ اهم فتويٰ

"فتويٰ رضويہ" مان هڪ سوال ۽ ان جي جواب جو خلاصو پڙهو:

سوال: اهلسنت و جماعت کي عشره محرم الحرام ۾ ڏک ۽ غم ڪرڻ جائز آهي يا نہ؟

جواب: ڪھڙو سُني ھوندو جنھن کي ڪربلا جي واقعي جي خوفناڪ قصي جو غم نہ ھوندو يا ان جي ياد ڪان ان جي دل ڏڪاري ۽ اک اشڪبار نہ ھوندي، ھا مصيبتن ۾ اسان کي صبر جو حڪم فرمايو آھي، روئڻ پٽڻ ڪان شريعت منع ڪري ٿي، ۽ جنھن کي واقعي دل ۾ غم نہ ھجي اھڙو ڪوڙو اظھارِ غم رياڪاري آھي ۽ ڄاڻي واڻي غم جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ غم پالي رکڻ خلافِ رضا آھي، جنھن کي ھن جو غم نہ ھجي ان کي بي غم نہ رھڻ گھرجي بلڪ ان کي غم نہ ھجڻ جو غم ھئڻ گھرجي تہ ان جي محبت اَڌوري آھي ۽ جنھن جي محبت اَڌوري آھي ان جو ايمان اَڌورو آھي. (فتاوٰی رضويہ، 24/486-488 ملخصاً) اعليٰ حضرت، امام احمدرضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: (ذڪرِ شھادت ۾) اھڙيون ڳالھيون نہ چيون وڃن جنھن سان انھن جي بي قدري يا توھين نڪرندي ھجي. (فتاوٰی رضويہ، 23/738)

مڪاشفة القلوب ۾ آھي: ڄاڻي ڇڏيو تہ عاشورا جي ڏينھن امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سان جيڪو ڪجھ ٿيو اھو الله پاڪ جي بارگاھ ۾ سندن درجات ۽ بلند مقام ۾ اضافي جو واضح دليل آھي تنھنڪري جيڪو شخص ان ڏينھن سندن مصيبتن جو ذڪر ڪري ان جي لاءِ اھو مناسب ناھي تہ سواءِ "اِنَّا لِلّٰہِ وَاِنَّاۤ اِلَیۡہِ رٰجِعُوۡنَ" جي بيو ڪجھ چئي چوتہ انھيءَ ۾ الله پاڪ جو حڪم مڃڻ ۽ فرمانِ الٰھي تي عمل ڪرڻ آھي، جيئن تہ ارشاد ٿئي ٿو.

اُولٰٓئِکَ عَلَیۡہِمۡ صَلَوٰتٌ مِّنۡ رَّبِّہِمۡ وَ رَحۡمَۃٌ ۟ وَ اُولٰٓئِکَ ہُمُ الۡمُہۡتَدُوۡنَ ﴿۱۵۷﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اھي ماڻھو آھن جن تي سندن پالڻھار طرفان درود ۽ رحمتون آھن، ۽ اھي ئي سڌيءَ واٽ تي آھن.

اعليٰ حضرت امام اهلسنت، امام احمدرضاخان رحمۃ اللہ علیہ شانِ صحابہ و اهلبيت بيان ڪندي لکن ٿا:

اُن کے مولیٰ کے ان پر کروڑوں درود ان کے اصحاب و عترت پہ لاکھوں سلام
اَلغرض اُن کے ہر مو پہ لاکھوں درود ان کی ہر خُو و خَصلت پہ لاکھوں سلام
اس شہیدِ بلا شاہِ گلگوں قَبا بیکسِ دَشتِ غربت پہ لاکھوں سلام

ہر صحابیِ نبی! جنّتی جنّتی حضرتِ صدیق بھی! جنّتی جنّتی
اور عمر فاروق بھی! جنّتی جنّتی عثمانِ غنی! جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی! جنّتی جنّتی ہیں حسن حسین بھی! جنّتی جنّتی
والدینِ نبی! جنّتی جنّتی ہر زوجۂ نبی! جنّتی جنّتی

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ


نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن پري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو پري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

منهنجو مدني مقصد: "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل






عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net